جشن عيد ميلاد النبي ﷺ مبارڪ

رسالو نمبر 38



# صُبحِ بَهاران

جشن ولادت جا مدني گل ۽ مَڪتوبِ عَطار

سنڌي ترجمو


✲ وِلادَت جي خوشي ۾ جهنڊا 06

✲ جَشنِ وِلادَت ملهائڻ جو ثواب 11

✲ جشنِ وِلادَت جا 12 مَدَنِي گُل 20

✲ عَطار جو مَڪتوب 24



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

بِسمِ اللہِ الرحمٰن الرَّحِیم

الصلوۃ والسلام علیک یارسول اللہ

هي رسالو ”**صبح بهاران**“ شيخ طريقت امير اهسلنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري** دامت برڪاتهم العاليہ جو اردو زبان ۾ تحري ثيل آهي.

**مجلس تراجم** (**دعوت اسلامي**) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي گهٽ وڌائي نظر اچي ته مجلس تراجم (**دعوت اسلامي**) کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو .


**رابطي جي لاءِ : مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي**

**باب المدينہ ڪراچي**

﴿ **فون نمبر** : 021-4921389-90-91 ﴾

E-mail.majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# صبح بهاران

## دُرود شريف جي فضيلت

**فرمان مصطفي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي.** (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 252 حديث 7235)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ربيع النور شريف جو مهينو ته ڇا ايندو آهي هر طرف بهار جي موسم اچي ويندي آهي. مني مني مَڪي مَدني مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديوانن ۾ خوشي جي لهر اچي ويندي آهي، پوڙهو هجي يا جوان هر حقيقي مسلمان جڻ دل جي زبان سان پڪاري اٿندو آهي.

نثار تيری چهل پهل پر هزار عيديں ربيع الاوّل
سوائے ابليس کے جہاں ميں سبھی تو خوشياں منا رہے ہيں

جڏهن ڪائنات ۾ ڪفر، شرڪ ۽ وحشت ۽ بربريت جي ٻاٽ اونداهي ڇانيل هئي، ٻارهين ربيع النورشريف جو مڪي شريف زادها الله شرفاً وتعظيماً ۾ حضرت سيّدتنا آمنه رضي الله تعالىٰ عنها جي مبارڪ گهر مان هڪ اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄيءَ دنيا کي چمڪائي ڇڏيو. سڏڪندڙ انسانيت جي اک جن ڏانهن لڳل هئي اهي تاجدار

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

رسالت، شهنشاهه نبوت، مخزنِ جُود و سخاوت، پيڪرِ عظمت ۽ شرافت، محبوبِ ربُّ العِزَّت، مُحسنِ اِنسانيت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي ڌرتيءَ تي جلوه گر ٿيا.

مُبارک ہو کہ ختمُ المُرسَلیں تشریف لے آئے

جنابِ رَحمَۃٌ لِّلعٰلمیں تشریف لے آئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# صُبح بهاران

خاتِمُ المُرسَلين، رَحمة لِلعٰلَمين، شفيعُ الْمُذْنِبِيْن، اِنيسُ الْغَرِيبِين، سِراجُ السَّالِكين، محبوبِ ربُّ العٰلَمين، جنابِ صادِق و اَمين صلي الله تَعالیٰ عليه وآله وَسلّم هر ڏکايل ۽ بي قرار دلين جا قرار بڻجي 12 ربيع النور شريف جو صبح صادق جي وقت دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اچي بي سهارن، غمگينن، ڏکايلن، ٽٽل دل وارن ۽ در در جا ڌڪا کائيندڙ ويچارن جي شامِ غريبان کي ”**صبح بهاران**“ بڻائي ڇڏيو.

مسلمانو! صبح بہاراں مبارک

وہ برساتے انوار سرکار آئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# معجزات

12 ربيع النور شريف جو الله تعاليٰ جي نور صلي الله تَعالیٰ عليه وآله وَسلّم جي دنيا ۾ جلوه گري ٿيندي ئي ڪفر ۽ گمراهيءَ جا ڪڪر هٽي ويا، ايران جي بادشاهه ”ڪسريٰ“ جي محل تي زلزلو اچي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

ويو، چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا، ايران جو آتشڪدو (باهه جي پوڄارين جو عبادت خانو) جيڪو هڪ هزار سال کان ٻري رهيو هو اهو وسامي ويو، ساوَه درياهه خشڪ ٿي ويو، ڪعبي کي وجد اچي ويو، بت منهن ڀر ڪِري پيا.

تیری آمد تھی کہ بیتُ اللہ مُجرے کو جُھکا
تیری ہیبت تھی کہ ہر بُت تھر تھرا کر گر گیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تاجدار رسالت صَلي الله تَعَاليٰ عَليه وآله وَسَلّم دنيا ۾ فضل ۽ رحمت بڻجي تشريف ڪٺي آيا ۽ يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نازل ٿيڻ جو ڏينهن خوشي ۽ مسرت جو ڏينهن هوندو آهي، جيئن الله تبارڪ و تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾

(پ 11 يونس 48)

ترجمو ڪنزالايمان: ”تون فرماءِ الله عزّوجل جي فضل ۽ سندس رحمت تي جڳائي ته خوشي ڪن، اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي.“

الله اڪبر! خدا جي رَحمت تي خوشي ملهائڻ جو قرآن مجيد حڪم ڏئي رهيو آهي ۽ ڇا اسان جي پياري آقا صَلي الله تَعَاليٰ عَليه وآله وَسَلّم کان وڌيڪ به ڪا الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت آهي؟ ڏسو، مقدس قرآن ۾ صاف صاف اعلان آهي:

وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾

(پ 17 الانبياء 107)

ترجمو ڪنزالايمان : ”۽ اسان تو کي نه موڪليو پر رحمت سموري جهان جي واسطي.“

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

## شبِ قدر کان بہ افضل رات

حضرت سيّدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: بيشڪ سرورِ عالم صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسلّم جي ولادت واري رات شب قدر کان بہ افضل آهي، ڇو تہ ولادت واري رات سرڪارِ مدينہ صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسلّم جي هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي رات آهي، جڏهن تہ شب قدر سرڪار صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسلّم کي عطا ڪيل رات آهي ۽ جيڪا رات ذات مقدس صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسلّم جي ظهور جي ڪري مشرف ٿئي اها رات ان رات کان وڌيڪ شرف ۽ عزت واري آهي جيڪا ملائڪن جي نازل ٿيڻ سبب مشرف آهي.

(ماثبت باالسنة ص 289)

## عيدن جي عيد

الحمدلله عَزَّوَجَلّ ١٢ ربيع النور مسلمانن لاءِ عيدن جي بہ عيد آهي، يقيناً حضورِ انور صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسلّم دنيا ۾ بَحر ۽ بَر جا بادشاهہ بڻجي جلوه گر نہ ٿيا هجن ها تہ نہ ڪا عيد عيد هجي ها، نہ ڪا رات شب براءَت، بلڪ ڪائنات جي سڄي رونق ۽ شان ان جانِ جهان، رحمت عالميان، سياحِ لامڪان، محبوب رحمٰن صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسلّم جي قدمن جي مٽي جو صدقو آهي.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو

جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے

## ابولهب ۽ ميلاد

جڏهن ابو لهب مري ويو تہ ان جي ڪجهہ گهر ڀاتين ڪيس

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

خواب ۾ بري حال ۾ ڏٺو. پڇا ڪئي: ڇا مليو؟ چيائين: توهان ڪان جدا ٿي مون کي ڪو خير نصيب ناهي ٿيو. پوءِ پنهنجي آڱوٺي جي هيٺان موجود سوراخ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو: سواءِ هن جي جو مونکي هن مان پاڻي پياريو ويندو آهي ڇو تہ مون ثويبہ ٻانهيءَ کي آزاد ڪيو هو.(مصنف عبدارزاق جلد 9 ص 9 الحد يث 16661، عمدة القاري ج 14 ص 44 تحت الحديث 5101) حضرت علامہ بدرالدين عيني عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: هن اشاري جو مطلب هي آهي تہ مون کي ٿورو پاڻي پياريو وڃي ٿو. (عمدةالقاري ايضاً)

## مسلمان ۽ ميلاد

هن روايت جي تحت سيدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: هن واقعي ۾ ميلاد شريف وارن لاءِ وڏو دليل آهي جيڪي تاجدار رسالت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وآلهٖ وَسَلّم جي ولادت واري رات خوشيون ملهائيندا آهن ۽ مال خرچ ڪندا آهن. يعني ابولهب جيڪو ڪافر هو جڏهن اهو تاجدار نبوت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وآلهٖ وَسَلّم جي ولادت جي خبر ٻڌي خوش ٿيڻ ۽ پنهنجي ٻانهي (ثويبہ) کي کير پيارڻ سبب آزاد ڪرڻ جو بدلو ڏنو ويو تہ ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو محبت ۽ خوشين سان ڀريل آهي ۽ مال خرچ ڪري رهيو آهي، پر هي ضروري آهي تہ ميلاد شريف جي محفل گانن باجن ۽ موسيقيءَ جي آوازن ڪان پاڪ هجي. (مدارج النبوة ج 2 ص 19)

## جشنِ ولادت جي ڌوم مچايو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڌوم ڌام سان عيدِ ميلاد مَلهايو، جڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

ابولهب جهڙي ڪافر کي ولادت جي خوشي ڪرڻ تي فائدو پهتو تہ اسان تہ الحمدلله عَزَّوَجَلَّ مسلمان آهيون، ابولهب تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي نيت سان نہ، بلڪ فقط پنهنجي ڀائٽي جي ولادت جي خوشي ملهائي پوءِ بہ ان کي بدلو مليو تہ اسان جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ پنهنجي آقا ۽ موليٰ محمد رسول الله صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي ولادت جي خوشي ملهائينداسين تہ ڇو محروم رهنداسين؟

گھر آمنہ کے سیّد ابرار آگیا
خوشیاں مناؤ غمزدو غمخوار آگیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ميلاد ملهائڻ وارن کان حضور صلی اللہ علیہ وسلم خوش ٿيندا آهن

هڪ عالم صاحب رَحمة الله تعاليٰ عليه فرمائن ٿا تہ "الحمدلله مون کي خواب ۾ تاجدار رسالت شهنشاهِ نبوت صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي زيارت ٿي تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم! ڇا توهان کي مسلمانن جو هر سال توهان جي ولادت مبارڪ جون خوشيون ملهائڻ پسند ايندو آهي؟ ارشاد فرمايائون: جيڪو اسان کان خوش ٿيندو آهي اسان بہ ان کان خوش ٿيندا آهيون.

(تذڪرة الواعظين ص 600)

## ولادت جي خوشيءَ ۾ جهنڊا

سيدتنا آمنہ رَضِي الله تَعَاليٰ عَنها فرمائن ٿيون: مون ڏٺو تہ ٽي جهنڊا نصب ڪيا ويا هڪ اوڀر ۾، ٻيو اولهہ ۾، ٽيون ڪعبي جي ڇت

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

تي ۽ حضور اڪرم صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم جن جي ولادت ٿي وئي.
(الخصائص الڪبرىٰ ج 1 ص 82 مختصراً)

روحُ الامیں نے گاڑا کعبے کی چھت پہ جھنڈا
تا عَرش اُڑا پھَرَیرا صبحِ شبِ ولادت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# جهنڊي سان گڏ جلوس

رحمتِ عالم صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم جڏهن مديني شريف ڏانهن هجرت فرمائي ۽ مديني پاڪ زادها الله شرفاً وتعظيماً جي ويجهو ”غميم“ نالي جڳهه تي پهتا ته بريده اسلمي قبيلي بني سهم جي سَتر سَوارن کي وٺي سرڪار نامدار صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم کي معاذالله عزّوجل گرفتار ڪرڻ آيا، پر سرڪار عالي وقار صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم جي فيض واري نظرن سان خود ئي شاهه ابرار صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم جي محبت ۾ گرفتار ٿي پوري قافلي سميت مسلمان ٿي ويا. پوءِ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم مديني منوره ۾ توهان جو داخل ٿيڻ جهنڊي سان هئڻ گهرجي. پوءِ پنهنجي مٿي تان عمامو لاهي نيزي تي ٻڌي ڇڏيائون ۽ سرڪارِ مدينه راحتِ قلب وسينه صَلي اللهُ تَعاليٰ عَليهِ وآلهِ وَسَلّم جي اڳيان اڳيان روانا ٿيا. (وفاءُ الوفا ج 1 ص 243)

محبوبِ ربِّ اکبر تشریف لا رہے ہیں
آج انبیاء کے سَرور تشریف لا رہے ہیں

کیوں ہے فَضا مُعَطّر! کیوں روشنی ہے گھر گھر
اچّھا! حبیبِ داوَر تشریف لا رہے ہیں

عیدوں کی عید آئی رَحمت خدا کی لائی
جُود و سخا کے پیکر تشریف لا رہے ہیں

حُوریں لگیں ترانے نعتوں کے گُنگنانے
حُور و ملک کے افسر تشریف لا رہے ہیں

جو شاہِ بحروبَر ہیں نبیوں کے تاجور ہیں
وہ آمِنہ ترے گھر تشریف لا رہے ہیں

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سڀني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

عطّار اب خوشی سے پھولے نہیں سماتے
دنیا میں ان کے دلبر تشریف لارہے ہیں

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# جشن ولادت ملهائڻ وارو خاندان

مديني منوره زادها الله شرفاً وتعظيماً ۾ ابراهيم نالي هڪ مدني آقا صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جو ديوانو رهندو هو، هميشہ حلال روزي ڪمائيندو هو ۽ پنهنجي آمدني جو اڌ حصو جشن ولادت ملهائڻ لاءِ الڳ جمع ڪندو هو (1) ربيع النور شريف ايندو هو تہ ڌوم ڌام سان پر شريعت جي دائري ۾ رهي جشن ولادت ملهائيندو هو. اللهعزّوجل جي محبوب صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي ايصال ثواب لاءِ خوب لنگر ڪندو هو ۽ سٺن سٺن ڪمن ۾ پنهنجي رقم خرچ ڪندو هو، سندس گهر واري بہ آقا صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي وڏي ديواني هئي ۽ انهن ڪمن ۾ پورو سهڪار ڪندي هئي، گهر واريءَ جو لاڏاڻو ٿي ويو پر سندس معمولات ۾ فرق نہ آيو، ابراهيم ديواني هڪ ڏينهن پنهنجي نوجوان پٽ کي وصيت ڪئي: پيارا پٽ! اڄ رات منهنجو لاڏاڻو ٿي ويندو، منهنجي سڄي ملڪيت ۾ پنجاهہ دِرهَم ۽ اوڻويهہ گز ڪپڙو آهي، ڪپڙو ڪفن دفن تي خرچ ڪجانءِ ۽ رهي رقم تہ ان کي بہ ٿي سگهي تہ نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪجانءِ، ان ڪان پوءِ هن ڪلمو طيب پڙهيو ۽ سندس روح پرواز ڪري ويو.

(1) ڪاش! اسان بہ پنهنجي آمدنيءَ جو اڌ نہ سهي ٻارهون حصو بلڪ هڪ فيصد ئي "جشنِ ولادت" جي لاءِ ڪڍي ان کي دين جي ڪمن ۾ صرف ڪرڻ جو حوصلو رکون ها!

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه وآله وسلم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

پٽ وصيت مطابق مرحوم والد کي دفن ڪيو، هاڻي پنجاهہ درهم نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري؟ انهيءَ فڪر ۾ هڪ رات جڏهن ستو تہ خواب ۾ ڏٺائين تہ قيامت قائم آهي ۽ هر طرف نفسا نفسي جو عالم آهي، خوشنصيب ماڻهو جنت ڏانهن وڃي رهيا آهن، جڏهن تہ ڏوهارين کي ڳِهلي ڳِهلي جهنم ڏانهن هڪليو پئي ويو ۽ هي بيٺو ڏڪي رهيو هو تہ سندس باري ۾ نہ ڄاڻ ڪهڙو فيصلو ٿئي ٿو، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو: هن نوجوان کي جنّت ۾ وڃڻ ڏيو پوءِ هو خوشي خوشي جنت ۾ داخل ٿي ويو ۽ سير ڪرڻ لڳو، ستن ئي جنتن جو سير ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اٺين جنت ڏانهن وڌيو تہ **جنّت جي داروغي حضرت رضوان** فرمايو: هن جنت ۾ فقط اهو ئي داخل ٿي سگهي ٿو جنهن **ربيع النور** جي مهيني ۾ **ولادتِ مصطفيٰ** صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي ڏينهن ۾ خوشي ملهائي هجي.اهو ٻڌي هي سمجهي ويو تہ منهنجا والدين مرحومَين بہ انهي ۾ هئڻ گهرجن، ايتري ۾ آواز آيو هن نوجوان کي اندر اچڻ ڏيو هن جا والدين هن سان ملڻ چاهن ٿا ان لاءِ هو اندر داخل ٿي ويو، هن ڏٺو تہ سندس والده مرحومہ ڪوثر جي نهر جي ڀرسان ويٺي آهي، ڀر ۾ هڪ تخت وڇايل آهي ان تي هڪ مُعَزِز عورت جلوه افروز آهي ۽ ان جي پاسي ۾ ڪرسيون وڇايل آهن جن تي ڪجهہ باوقار عورتون تشريف فرما آهن، ان هڪ فرشتي کان پڇيو هي عورتون ڪير آهن؟ ان جواب ڏنو:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلّم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

تخت تي شهزاديِ ڪونينِ سيِّدتُنا فَاطمہ زَهرا رضي الله تَعَالٰی عَنْهَا آهن ۽ ڪرسين تي خديجة الڪبرىٰ، عائشہ صديقہ، سيّدتنا مريم، سيّدتنا آسيہ، سيّدتنا ساره، سيّدتنا هاجره، سيّدتنا رابعہ ۽ سيّدتنا زُبيده رضي الله تعالیٰ عنهن آهن. ڪيس تمام گهڻي خوشي ٿي وڏيڪ اڳتي وڌيو تہ ڇا ٿو ڏسي تہ هڪ تمام وڏو تخت وڇايل آهي ۽ ان تي سرڪارِ عَالمِ مَدار، مديني جا تاجدار، ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار، حبيبِ پروردگار، شافعِ روز شمار جناب احمد مختار صلي الله تَعَاليٰ عَليه وآله وَسَلّم پنهنجو پيارو پيارو چهرو چمڪائيندي رونق افروز آهن، پاسي ۾ چار ڪرسيون وڇايل آهن انهن تي خُلفاءِ راشدين عليهم رضوان تشريف فرما آهن، ساڄي پاسي ڪان سون جي ڪرسين تي انبياءِ ڪرام عليهم السلام رونق افروز ۽ ڪاٻي پاسي شهداءِ ڪرام جلوه افروز آهن، ايتري ۾ سندس والد مرحوم ابراهيم بہ سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلي الله تَعَاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي پرسان ئي جُهرمَٽ ۾ نظر آيا، والد صاحب پنهنجي جگر جي ٽڪري (يعني پٽ) کي سيني سان لڳايو، هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سوال ڪيائين: پيارا بابا سائين! توهان کي هي عاليشان رتبو ڪيئن حاصل ٿيو؟ جواب ڏنائين: **الحمدلله** عزّوجل ! **هي جشن ولادت ملهائڻ جو صلو آهي** . ان ڪان پوءِ ان نوجوان جي اک کلي وئي صبح ٿيندي ئي ان پنهنجو گهر گهٽ قيمت تي وڪڻي ڇڏيو ۽ مرحوم والد جي ٻچيل پنجاهہ درهمن سان سڄي رقم ملائي ڪاڏي جو اهتمام ڪيائين ۽ عالمن ۽ نيڪ ماڻهن جي دعوت ڪيائين، سندس دل

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه وآله وسلم : مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرُودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

دنيا کان بيزار ٿي چڪي هئي پوءِ هو مسجد ۾ رهڻ لڳو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا باقي ٽيهه سال عبادت ۾گذاري ڇڏيائين، وفات کان پوءِ ڪنهن ڪيس خواب ۾ ڏسي پڇيو ڇا گذريو؟ چيائين، **مون کي جشن ولادت ملهائڻ جي برڪت سان جنت ۾ پنهنجي والد مرحوم وٽ پهچايو ويو آهي.** (ملخص از تذڪرة الواعظين اردو ص 557) **الله** عزّوجل **جي انهن تي رَحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.** اٰمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بخش دے مجھ کو الٰہی! بہرِ میلادُ النّبی

نامہءِ اعمال عِصیاں سے مرا بھرپور ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جشن ولادت ملهائڻ جو ثواب

شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه رحمة القوي **فرمائن ٿا:** سرڪارِ **مدينہ** صلي الله تعالي عليه وآله وسلّم **جن جي ولادت جي رات خوشي ملهائڻ** وارن جي جزا هي آهي تہ الله تعاليٰ انهن کي فضل ۽ ڪرم سان **جَنَّاتُ النَّعِيم** ۾ داخل فرمائيندو، مسلمان هميشہ کان محفل ميلاد منعقد ڪندا آيا آهن ۽ ولادت جي خوشيءَ ۾ دعوت ڏيندا، کاڌا پچائيندا ۽ خوب صدقا ۽ خيراتون ڏيندا آيا آهن خوب خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ دل کولي خرچ ڪندا آهن ۽ سرڪارمدينہ صلي الله تعالي عليه وآله وسلّم جي ولادت با سعادت جي ذڪر جو اهتمام ڪندا آهن ۽ پنهنجن گهرن کي سينگاريندا آهن ۽ انهن تمام سنن ڪمن جي برڪت سان انهن ماڻهن تي الله تعاليٰ جون

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آهي.

برڪتون نازل ٿينديون آهن. (ماثبت باالسنة ص 74 ملتقطاً)

## يهودين کي ايمان نصيب ٿي ويو

حضرت سيدنا عبدالواحد بن اسماعيل رحمة الله تعاليٰ عليه فرمائن ٿا: مصر ۾ هڪ عاشقِ رسول رهندو هو، جيڪو ربيع النور شريف ۾ الله عزّوجل جي پياري محبوب صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلّم جو خوب جشن ولادت ملهائيندو هو، هڪ ڀيري ربيع النور شريف جي مهيني ۾ سندس پاڙيسري يهودياڻي پنهنجي مڙس کان پڇيو ته اسان جو مسلمان پاڙيسري هن مهيني ۾ هرسال خصوصي دعوت وغيره جو اهتمام ڇو ڪندو آهي؟ يهوديءَ ٻڌايو ته هن مهيني ان جي نبي صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلّم جي ولادت ٿي هئي تنهن ڪري هي سندن جو جشن ولادت ملهائيندو آهي ۽ مسلمان هن مهيني جي ڏاڍي تعظيم ڪندا آهن. ان تي يهودياڻيءَ چيو: واھ! مسلمانن جو طريقو بہ ڏاڍو پيارو آهي جو هي پنهنجي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلّم جو هر سال جشن ولادت ملهائيندا آهن. اها يهودياڻي جڏهن رات سُتي تہ سندس ستل قِسمت جاڳي پئي خواب ۾ ڇا ٿي ڏسي تہ هڪ تمام سهڻا ۽ خوبصورت بزرگ تشريف وٺي آيا آهن، چوڌاري ماڻهن جو هجوم آهي، ان اڳتي وڌي هڪ شخص کان پڇيو: هي بزرگ ڪير آهن؟ ان ٻڌايو: هي نبي آخر الزمان، رحمتِ عالميان، محمّد رَّسولُ الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلّم آهن، پاڻ ان لاءِ تشريف کڻي آيا آهن جيئن توهان جي مسلمان پاڙيسريءَ کي جشن ولادت ملهائڻ تي خير ۽ برڪت عطا فرمائن ۽ ان سان

ملاقات فرمائن ۽ ان تي خوشيءَ جو اظهار ڪن، يهودياڻيءَ وري پڇيو: ڇا توهان جا نبي صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم منهنجي ڳالهه جو جواب ڏيندا؟ ان جواب ڏنو: ”جي ها“، ان تي يهودياڻيءَ سرڪار عالي وقار صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم کي پڪاريو، پاڻ ڪيس جواب ۾ ”لبيڪ“ فرمايائون، هوءَ تمام گهڻو متاثر ٿي ۽ چوڻ لڳي مان تہ مسلمان ناهيان، توهان پوءِ بہ مون کي لبيڪ چئي جواب ڏنو سرڪار مدينہ قرار قلب و سينہ صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ تون مسلمان ٿيڻ واري آهين، ان تي هوءَ بي اختيار چوڻ لڳي: بيشڪ توهان نبي ڪريم ۽ خلق عظيم جا مالڪ آهيو جيڪو توهان جي نافرماني ڪري اهو هلاڪ ٿيو ۽ جيڪو توهان جي مَانَ ۽ مَرتَبي کي نہ ڄاڻي اهو ناڪام ۽ نامراد ٿيو پوءِ هن ڪلمہ شهادت پڙهيو.

هاڻي هن جي اک کلي وئي ۽ هوءَ سچي دل سان مسلمان ٿي وئي ۽ هن هي طئي ڪيو تہ صبح جو اٿي سڄي ملڪيت الله عزّوجل جي پياري محبوب صَلي الله تَعاليٰ عَليه وآله وَسَلّم جي جشن ولادت جي خوشي ۾ لٽائي ڇڏيندس ۽ خوب نياز ڪندس، جڏهن صبح جو اٿي تہ سندس مڙس ڪاڏي جي دعوت جي تياريءَ ۾ مشغول هو، ان حيرت منجهان پڇيو توهان هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ان چيو ان ڳالهہ جي خوشيءَ ۾ دعوت جو اهتمام ٿو ڪيان جو تون مسلمان ٿي چڪي آهين. پڇا ڪئي توهان کي ڪيئن خبر پئي؟ ان ٻڌايو تہ مان بہ رات حضورِ اڪرم نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

جي هٿ مبارڪ تي ايمان آڻي چڪو آهيان. (تذڪره الواعظين ص 598)

**الله** عزّوجل **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمين بجاه النبي الامين صلى الله تعالى عليه واله وسلم

آمدِ سرکار سے ظلمت ہوئی کافور ہے

کیا زمیں، کیا آسماں، ہر سمت چھایا نور ہے

## دعوت اسلامي ۽ جشن ولادت

الحمدلله عزّوجل تبليغ قرآن سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوت اسلامي جو جشن ولادت ملهائڻ جو پنهنجو هڪ منفرد انداز آهي، دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ دعوت اسلامي جي زير اهتمام عيد ميلاد النبي صلى الله تعالى عليه واله وسلم جي رات جو عظيم الشان **اجتماعِ ميلاد** منعقد ٿيندو آهي ۽ غالباً دنيا جو سڀ کان وڏو اجتماعِ ميلاد باب المدينه ڪراچي ۾ ٿيندو آهي ان جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن ۾ شريڪ ٿيڻ وارن خبر ناهي ڪيترن ئي خوشنصيبن جي زندگين ۾ مدني انقلاب اچي ويندو آهي، ان ضِمن ۾ چار مدني بهارون ملاحظه فرمايو:

## ﴿1﴾ گناهه جو علاج ٿي ويو

هڪ عاشق رسول جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته عيد ميلاد النبي صلى الله تعالى عليه واله وسلم واري رات 1426 ه جي اجتماع ميلاد منعقد ڪڪري گراؤنڊ باب المدينه ڪراچي ۾ منهنجي هڪ واقفڪار بي نمازي ۽ ماڊرن نوجوان شرڪت ڪئي، صبح بهاران جي استقبال جي وقت درود ۽ سلام جي گونج ۽ مرحبا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

**يامصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏوم جي دوران سندس دل جي دنيا ۾ انقلاب اچي ويو، نيڪين جي طرف رغبت ۽ گناهن کان نفرت جو جذبو مليو، ان هٿو هٿ نمازن جي پابندي ۽ ڏاڙهي سجائڻ جي نيت ڪئي ۽ واقعي هو نمازي ۽ ڏاڙهي رکڻ وارو بڻجي ويو، گڏوگڏ ان جي اندر هڪ "برائي" جي عادت هئي جنهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ناهي، اجتماعِ ميلاد جي برڪت سان **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اها بہ ختم ٿي وئي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئو تہ اجتماع ميلاد ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت سان گناهن جي مريض کي گناهن جو علاج ملي ويو!

چشمِ رحمت نگاہِ کرم مانگ لو — مانگ لو مانگ لو اُن کا غم مانگ لو
مانگنے کا مزا آج کی رات ہے — مَعصِیت کی دوا الا جُرم مانگ لو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صلَّی اللہ تعالیٰ علیٰ مُحمّد

## ﴿2﴾ دل جي ڪنڊڪي ڏوري وئي

نارٿ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان کي پنهنجي انداز ۾ عرض ڪريان ٿو، ان جو بيان آهي، ربيع النور شريف جي مهيني جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڪجهہ عاشقانِ رسول مون گناهن ۾ ٻڏل بي عمل انسان تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي ڪڪري گراؤنڊ باب المدينہ ڪراچي ۾ منعقد ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي **اجتماعِ ميلاد** ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش قِسمتي جو مون حامي ڀري ورتي، جڏهن ٻارهين رات آئي تہ مان واعدي موجب **اجتماعِ ميلاد** ۾ وڃڻ لاءِ مدني قافلي وارن

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.

سان گڏ بس ۾ سوار ٿي ويس، هڪ عاشق رسول هڪ عدد اڃي رس گولي (مٺائي) مان تقريبًا 30 اسلامي ڀائرن ۾ ڀَڃي ڀَڃي ڪري ذرا ورهايا، ورهائڻ واري جو محبت ڀريواندازمون کي ڏاڍو وڻيو، آخرڪار اسان **اجتماعِ ميلاد** ۾ پهچي وياسين، مون زندگي ۾ پهريون ڀيرو ئي اهڙا رُوحُ پَرور مَنظر ڏٺا هئا، نعتن، سلامن ۽ **مرحبا يامصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُرڪيف نعرن دل جي گندگي ڌوئي ڇڏي، **الحمدللّٰه** عزّوجل مان هٿو هٿ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس، **الحمدللّٰه** عزّوجل هاڻي چهري تي ڏاڙهي مبارڪ جا انوار ۽ مٿي تي سائي عمامي شريف جي بهار آهي، ۽ هي سٽون لکڻ تائين علائقائي مشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان سنتن جون ڌومون مچائڻ جي سعادت ملي رهي آهي.

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول ہے فیضانِ غوث ورضا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول
یقینا مقدّر کا وہ ہے سکندر
جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

صلّو عَلَى الحَبيب! صلَّى الله تعالىٰ على مُحمّد

## ﴿3﴾ نور جي برسات

عيدميلاد النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 1417 ھ جو ٻيپهريءَ جي وقت هر سال جِيان ظهرءَ جي نماز کانپوءِ دعوت اسلامي جي حلقي ناظم آباد باب المدينه ڪراچي جي مدني جلوس سرڪار

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

جي آمد مرحبا جا نعرا لڳائيندو ۽ مرحبا يا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڌومون مچائيندو رستي تان گذري رهيو هو، جڳهه جڳهه تي جلوس روڪي شرڪاءَ کي ويهاري ڪري نيڪي جي دعوت پيش ڪئي پئي وئي، ان دوران هڪ جڳهه تي تقريباً ڏهه سالن جي مدني منيءَ ”نيڪيءَ جي دعوت“ پيش ڪئي، جلوس تي خاموشي ڇانيل هئي، بيان ختم ٿيڻ تي هڪ شخص اٿيو ۽ پڇندو حلقي جي نِگران وٽ پهتو ان تي رقت طاري هئي چوڻ لڳو: مان پنهنجي ڪليل اکين سان ڏٺو ته بيان جي دوران توهان جي ننڍڙي مبلغ سميت جلوس جي تمام شرڪاءَ مٿان نور جي برسات ٿي رهي هئي، معاف ڪجو مان غير مسلم آهيان، مهرباني ڪري مون کي جلدي اسلام ۾ داخل ڪريو، مرحبا جا نعرا گونجڻ لڳا. عيد ميلادالنبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلوس جي عظمت ۽ دعوت اسلامي جي بابرڪت بهار ڏسي ڪري شيطان مٿو پٽڻ ويهي رهيو، مسلمان ٿيڻ کان پوءِ اهو شخص هي چوندي هليو ويو ته اِن شآءَالله عزّوجل مان پنهنجي خاندان ۾ وڃي ڪري اسلام جي دعوت پيش ڪندس، پوءِ ان ائين ئي ڪيو ۽ ان جي دعوتِ اسلام جي ذريعي ان جي گهر واري، ٽي ٻار ۽ سندس والد صاحب دين اسلام ۾ داخل ٿي ويا.

عيدِ ميلادُ النّبی ہے دل بڑا مسرور ہے ‏ ‏ عید دیوانوں کی تو بارہ ربیعُ النُّور ہے
ہر ملک ہے شادماں خوش آج ہر اک حور ہے ‏ ‏ ہاں مگر شیطان مع رُفقاء بڑا رنجُور ہے

صلُّوعَلَی الحبیب ! صلَّی اللہ تعالیٰ علیٰ مُحمّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

## ﴿4﴾ اڄ بہ جلوا عام آهن

هڪ عاشق رسول جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ عيد ميلادالنبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واري رات جو ڪڪري گراؤنڊ باب المدينہ ڪراچي ۾ دعوت اسلامي جي طرفان منعقد ٿيڻ واري وڏي رات جو غالباً دنيا جي سڀ کان وڏي اجتماعِ ميلاد ۾ اسان ڪجھ اسلامي ڀائر حاضر ٿياسين، پاڻ ۾ ڳالهائيندي هڪ اسلامي ڀاءُ چوڻ لڳو دعوت اسلامي جي اجتماعِ ميلاد ۾ اڳي ڪافي سوز ۽ رقت هوندي هئي هاڻي اها ڳالهہ ناهي رهي، اهو ٻڌي ڪري ٻئي چيو: يار! اها توهان جي ڀُل آهي، اجتماعِ ميلاد جي ڪيفيت تہ اها ئي آهي پر اسان جي دلين جي ڪيفيت پهرين واري نہ رهي آهي، ذڪر رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئن بدلجي سگهي ٿو! اسان جي ذهنيت تبديل ٿي وئي آهي! جيڪڏهن اڄ بہ اسان تنقيد جي خشڪ وادين ۾ ڀٽڪڻ بدران نهايت عقيدت سان تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسين تصوّر ۾ گم ٿي ڪري نعت شريف ٻڌون تہ ان شآءَالله عزّوجل ڪرم بالاءِ ڪرم ٿيندو، پهرئين اسلامي ڀاءُ جو شيطاني وسوسن وارو غير ذميدارانہ اعتراض جيتوڻيڪ قدمن ڪي لوڏي ۽ بوريت ڏياري اجتماع ميلاد کان محروم ڪري واپس گهر پهچائڻ وارو هو، پر ٻئي اسلامي ڀاءُ جو جواب صد ڪروڙ مرحبا! جو اهو نفسِ لَوّامہ ڪي جاڳائڻ وارو شيطان ڪي ڀڄائڻ وارو هو، پوءِ اهو صحيح جواب تاثير جو تير بڻجي ڪري منهنجي جگر ۾ لهي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

ويو، مون هِمت ڪئي، قدم ڪنيا ۽ اجتماعِ ميلاد جي وچ ۾ وڃي پهتس ۽ عاشقان رسول جي اندر وڃي ڄمي ويٺس ۽ نعتن جي پُرڪيف نغمن ۾ گم ٿي ويس، صبح صادق جو وقت ويجهو آيو ته سڀئي اسلامي ڀائر صبح بهاران جي استقبال جي لاءِ بيهي رهيا، اجتماع تي هڪ وجداني ڪيفيت طاري هئي، هر طرف مرحبا جون ڌومون متل هيون، شاهِ خيرالانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه بيڪس پناهه ۾ درود وسلام جا گلدستا پيش ڪيا پيا وڃن، عاشقان رسول جي اکين مان ڳوڙها جاري هئا، هر طرف کان آهُن ۽ سڏڪن جا آواز اچي رهيا هئا، مون تي به عجيب ڪيفيت ۽ مستي ڇانيل هئي، منهنجي گناهگار اکين هر طرف نديون بارش جون ڪٽيون ۽ خوشگوار بوندا باندي ٿيندي ڏٺي، ڄڻ سڄي جو سڄو اجتماع رَحمت جي برسات ۾ وهنجي رهيو آهي، مان متي جون اکيون بند ڪري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسين تصور ۾ گم ٿي درود وسلام پڙهڻ ۾ مشغول هئس، بس پوءِ دل جون اکيون کلي ويون سچ ٿو چوان، جنهن جو جشنِ وِلادت ملهايو پئي ويو، انهي شهنشاهِ اُمَم، نورِ مجسم، نبي محترم، حبيب رب اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون سراپا گناهگار ۽ لائقِ سزا شخص تي ڪرم بالاءِ ڪرم فرمائي ڇڏيو ۽ مونکي پنهنجو جلوو مبارڪ ڏيکاري ڇڏيو، الحمدلله عزّوجل ديدار مصطفيٰ سان دل ٺري

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

پئي. واقعي ان اسلامي ڀاءُ بلڪل سچ چيو هو تہ دعوت اسلامي جو اجتماع ميلاد تہ اڳ جيان سوز ۽ رقت وارو ئي هوندو آهي، پر اسان جي پنهنجي ڪيفيت بدلجي وئي آهي، جيڪڏهن اسان توجهہ رکون تہ اڄ بہ سندن جلوا عام آهن.

آنکھ والا ترے جوبن کا تماشہ دیکھے دیدۂ کور کو کیا آئے نظر کیا دیکھے

کوئی آیا پا کے چلا گیا، کوئی عمر بھر بھی نہ پاسکا

یہ بڑے کرم کے ہیں فیصلے یہ بڑے نصیب کی بات ہے

صلّوا علی الحبیب! صلّی اللہ تعالٰی علٰی محمّد

## ”مرحبا يا مصطفيٰ“ جي ٻارنهن حرفن جي نسبت سان جشن ولادت جا 12 مدني ٽل

مدينہ 1 جشن ولادت جي خوشي ۾ مسجدن، گهرن، دڪانن ۽ سوارين تي ۽ پنهنجي پاڙي ۾ بہ ساوا ساوا جهنڊا لڳايو، خوب خوب روشني ڪيو، پنهنجي گهر تي گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن بلب تہ ضرور روشن ڪيو، ٻارهينءَ جي رات جو ڌوم ڌام سان اجتماعِ ذڪر و نعت ۾ شرڪت فرمايو ۽ صبح صادق جي وقت ساوا ساوا جهنڊا کڻي، درود ۽ سلام پڙهندي ڳوڙها وهائيندڙ اکين سان صبح بهاران جواستقبال ڪيو. ١٢ ربيع النور شريف جي ڏينهن تي سگهي تہ روزو رکو جو اسان جا پيارا آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا هئا. جيئن حضرت سيّدنا ابو قتاده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا: بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: **انهيءَ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي وحي نازل ٿي.** (صحيح مسلم شريف ص 591 حديث 198(1162)) **صحيح بخاري جا شارح حضرت اِمام قسطلاني** رحمۃ اللہ تعاليٰ عليہ **فرمائن ٿا:** ۽ ولادت باسعادت جي ڏينهن ۾ **محفل ميلاد ڪرڻ** جي خصوصيتن مان هيءَ ڳالهہ تجربي مان ثابت آهي تہ ان سال امن امان رهندو آهي ۽ هر مراد حاصل ڪرڻ ۾ جلدي اچڻ واري خوشخبري هوندي آهي.الله عزّوجل ان شخص تي رحمت نازل فرمائي جنهن ولادت جي مهيني جي راتين کي عيد بڻايو. (المواهب لدنيہ ج 1 ص 27)

مدينہ 2 ڪعبة الله شريف جي نقشي (Model) ۾معاذالله ڪٿي ڪٿي گڏين جو طواف ڏيکاريو ويندو آهي، هي گناهہ آهي، جاهليت جي زماني ۾ڪعبة الله شريف ۾ ٣٦٠ بت رکيل هئا، اسان جي پياري ۽ مٺي مٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي فتح ڪانپوءِ ڪعبي شريف کي بتن کان پاڪ فرمائي ڇڏيو تنهن ڪري نقشي ۾ بہ بت (گڏيون) نہ هئڻ گهرجن ان جي جاءِ تي پلاسٽڪ جا گل رکي سگهجن ٿا. (ڪعبي جي طواف جي منظر جي تصوير جنهن ۾ چهرا واضع نظر نہ ايندا آهن ان کي مسجد يا گهر وغيره ۾ لڳائڻ جائز آهي، ها جنهن تصوير کي زمين تي رکي بيني بيني ڏسڻ سان چهرو واضح نظر اچي تہ ان کي لڳائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي)

مدينہ 3 **اهڙا** دروازا (Gate) لڳائڻ جائز ناهن جن ۾ مورو غيره بڻيل هجن جاندارن جي تصويرن جي مذمت ۾ بہ حديثون پڙهو ۽ خدا

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودپاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

عزّوجل جي خوف کان ڊڄي وڃو.

(1) (رحمت جا) فرشتا ان گهر ۾ داخل ناهن ٿيندا جنهن گهر ۾ ڪتو يا تصوير هجي. (صحيح بخاري ج 2 ص409 حديث 3322)

(2) جيڪو (جاندارن جي) تصوير ٺاهيندو، الله تعاليٰ ان کي ان وقت تائين عذاب ڏيندو رهندو جيستائين ان تصوير ۾ روح نه ڦوڪي ۽ اهو ڪڏهن به روح نه ڦوڪي سگهندو.

(صحيح بخاري ج 2 ص 51 حديث 2225)

مدينه 4 جشن ولادت جي خوشيءَ ۾ ڪجهه جڳهن تي گانا باجا وغيره وڄايا ويندا آهن ائين ڪرڻ شرعاً گناهه آهي، هن سلسلي ۾ به روايتون پيش ڪجن ٿيون، (1) سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مون کي دهل ۽ بانسري ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. (فردوس الاخبار ج 1ص 483) حضرت ضحاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي: گانو دل کي خراب ۽ رب تعاليٰ کي ناراض ڪرڻ وارو آهي. (تفسيرات احمديه ص603)

مدينه 5 نعت شريف جون ڪيسٽون بيشڪ هلايو پر آهستي آواز ۾ ۽ ان احتياط سان جو ڪنهن عبادت ڪرڻ واري، سمهڻ واري يا مريض وغيره کي تڪليف نه ٿئي ۽ اذان ۽ نماز جي وقت جو به خيال رکو. (عورت جي آواز ۾ نعت جي ڪيسٽ نه هلايو)

مدينه 6 عام رستي ۾ زمين تي اهڙي طرح سجاوٽ ڪرڻ، جهنڊا لڳائڻ جنهن سان واٽهڙن ۽ گاڏي هلائڻ وارن کي تڪليف ٿئي ته ناجائز آهي.

مدينہ 7 لائيٽنگ وغيره ڏسڻ لاءِ عورتن جو گهرن کان ٻاهر نڪرڻ حرام ۽ شرمناڪ ۽ باپرده **عورتن** جو بہ ان موقعي تي مردن سان ملي وڃڻ انتهائي افسوس ناڪ آهي ۽ بجليءَ جي چوري بہ ناجائز آهي، تنهنڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪرڻ واري اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب بڻايو.

مدينہ 8 **ميلاد** جي جلوس ۾ حتي الامڪان با وضو رهو. با جماعت نماز جي پابنديءَ جو خيال رکو. عاشقان رسول نماز جي جماعت ترڪ ڪرڻ وارا نہ هوندا آهن .

مدينہ 9 **ميلاد** جي جلوس ۾ گهوڙي گاڏي ۽ اٺ گاڏيءَ نہ آڻيو جو گهوڙا ۽ اٺ پيشاب ۽ لِڏين سان عاشقان رسول جا ڪپڙا وغيره پليد ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي .

مدينہ 10 **جلوس** ۾لنگر رسائل هلايو يعني مڪتبۃ المدينہ جا شايع ٿيل رسائل ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ خوب تقسيم ڪيو ۽ ميوات ۽ اَناج وغيره اڇلائڻ بجاءِ ماڻهن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو. زمين تي ڪرڻ وڪري وڃڻ ۽ پيرن هيٺان اچڻ سان انهن جي بي حرمتي ٿيندي آهي .

مدينہ 11 **ڇڙ ڍِياريندڙ** يا جذباتي نعري بازي با وقار ميلاد جي جلوس کي ڇڙوڇڙ ڪري سگهي ٿي. پُر اَمن رهڻ ۾ توهان جي پنهنجي ڀلائي آهي.

مدينہ 12 **خدانخواستہ** جيڪڏهن ڪٿي هلڪو سلڪو ڦڏو پٿراءُ ٿي بہ وڃي تڏهن بہ جذبات ۾ اچي جوابي ڪاروائيءَ تي لهي نہ اچو جو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

ائين ڪرڻ سان توهان جو ميلاد جو جلوس چڙوچڙ ۽ دشمن جو مقصد پورو....

غُنچے چٹکے، پُھول مہکے ہر طرف آئی بہار
ہوگئی صبحِ بہاراں عید میلادُ النّبی

صَلُّوا علی الحبیب ! صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علٰی محمّد

## جشن ولادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطار

(مدني التجا آهي ته هر هر جڳهه هر سال صفر المظفر مهيني جي آخري هفتيوار اجتماع ۾ يادگيري ڏيارڻ لاءِ مڪتوب عطّار پڙهي ٻڌايو وڃي_اسلامي ڀينرون ۽ اسلامي ڀائر ضرورت مطابق ترميم فرمائن)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط سگِ مدينه محمد الياس عطار قادري رضوي عفي عنه جي طرفان تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائرن/ اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ جشن ولادت جي خوشي ۾ جهولندڙ ساون ساون جهنڊن ۽ جڳمڳ ڪندڙ بلبن ۽ ننڍڙين ننڍڙين بتين کي چمندو جهومندو ماکي کان به منو مکي مدني سلام

السلام علیکم ورحمة اللہ وبرکاتہ الحمد للّٰہ رب العٰلمین علیٰ کل حال

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ
اونچے میں اونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

مدينه 1 چنڊ واري رات جو هنن لفظن ۾ ٽي ڀيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي مبارڪ هجي جو ربيع النور شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آهي.

ربیعُ النُّور اُمیدوں کی دنیا ساتھ لے آیا
دعاؤں کی قَبولیّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

مدينہ 2 **مرد لاءِ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام** آهن، اسلامي ڀيڻ جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي. براءِ ڪرم ربيع النور شريف جي برڪت سان اسلامي ڀائر هميشہ جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پردو ۽ خوش قسمتي جو مدني برقعو پائڻ جي نيت ڪن . (مرد جو ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ۽ عورت جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي ۽ فوراً توبہ ڪري انهن گناهن کان دور ٿي وڃڻ واجب آهي.)

جُھک گیا کعبہ سبھی بُت منہ کے بل اَوندھے گرے
دَبدبہ آمد کا تھا، اَھْلاً وَّ سَھْلاً مرحبا

مدينہ 3 سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو عظيم مدني نسخو هي آهي تہ تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو فڪر مدينہ ڪندي **مدني انعامات** جو ڪارڊ ڀري هر مهيني جمع ڪرائڻ جي نيت ڪن، هٿ ڪٽي چئو: ان شاءَالله عزّوجل

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں
اب مرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

مدينہ 4 **تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر** نگرانن ۽ ذميدارن سميت **ربيع النور شريف** ۾ خصوصيت سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪن ۽ اسلامي ڀينرون ٣٠ ڏينهن تائين روزانو گهر جي اندر (فقط گهر وارن ۾) فيضانِ سنت جو درس جاري ڪن ۽ وري اڳتي بہ روزانو جاري رکڻ جي نيت ڪن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

لوٹنے رَحمتیں قافِلے میں چلو
سیکھنے سُنّتیں قافِلے میں چلو

مدينه 5 پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي ١٢ **عدد** نه ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سائو سائو جهنڊو **ربيع النور شريف** جي چنڊ رات کان وٺي سڄو مهينو لڳايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، گهوڙي گاڏين وغيره تي ضرورتاً پنهنجي ڪيسي مان رقم ڀري جهنڊا خريد ڪري لڳايو، پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي به لڳايو، ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ هر طرف ساون ساون جهنڊن جون بهارون مرڪندي نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پٺيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، منهنجي خواهش آهي ته ٽرڪن، بسن، ويگنن، رڪشن، ٽيڪسين، سوزوڪين، ۽ ڪارين وغيره جي پٺيان وڏن لفظن ۾ هي لکيل هجي، **مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي** . بس جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽ وارن سان ملي ڪري مدني ترڪيبون ڪيو ۽ سگِ مدينه عفي عنه جي دل جون دعائون وٺو.

**ضروري احتياط:** جيڪڏهن جهنڊي تي نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي ته هن ڳالهه جو خيال رکو ته نه اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نه ئي زمين تي اچي پئي ۽ جيئن ئي **ربيع النور شريف** جو مهينو موڪلائي وڃي ته فوراً لاهي ڇڏيو، جيڪڏهن احتياط نه ٿو ٿي سگهي ۽ بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي ته بنا

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : **مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرُودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.**

نقش ۽ بنا لکت جا سادا ساوا جهنڊا لڳايو. (سگِ مدينه عفي عنه بہ حتي الامڪان پنهنجي گهر بنام ”**بيت الفنا**“ تي سادا (يعني بغير ڪنهن نقش ۽ لکت جي) جهنڊا لڳائيندو آهي)

نبی کا جھنڈا لیکر نکلو دنیا پر چھا جاؤ
نبی کا جھنڈا اُمن کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**6** پنهنجي گهر تي ١٢ جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ ١٢ بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ بہ ١٢ ڏينهن تائين خوب لائيٽنگ ڪيو (پر انهن ڪمن لاءِ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪندڙ اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب بڻايو) سڄي علائقي کي ساون ساون جهنڊن ۽ رنگا رنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽهڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوق عامہ ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا جهنڊا لڳايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، ۽ گهٽيءَ وغيره ڪٽي بہ اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿيڻ ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي.

بیتِ اقصیٰ، بامِ کعبہ، بر مکانِ آمِنہ
نَصب پرچم ہو گیا، اَھْلاً وَّسَھْلاً مرحبا

**7** هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

رڀين جا مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهائي ۽ اسلامي ڀينرون بہ تقسيم ڪرائن. اهڙي طرح سڄو سال اجتماعن ۾ لنگرِ رسائل جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ ”لنگر رسائل“ هلايو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو .

بانٹ کر مَدَنی رسائل دین کو پھیلایئے
کر کے راضی حق کو حقدارِ جناں بن جایئے

مدني 8 سگِ مدينہ جو لکيل پمفليٽ ”جشنِ ولادت جا١٢مدني گل“ ممڪن هجي تہ ١١٢ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ١٢ عدد ۽ ٿي سگهي تہ رسالو ”صبح بهاران“ ١٢ عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي جشن ولادت جون ڌومون مچائيندا آهن. ربيع النور شريف جي دوران ١٢٠٠ روپيا، جيڪڏهن هي نہ ٿي سگهي تہ ١١٢ روپيا ۽ اهي بہ نہ ٿي سگهي تہ ١٢ رپيا (بالغان يا بالغات) ڪنهن سني عالم کي پيش ڪريو، جيڪڏهن پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن يا خادمن ۾ ورهائي ڇڏيو تڏهن بہ نيڪ آهي . بلڪ هيءَ خدمت هر مهيني جاري رکڻ جي نيت ڪيو تہ مدينہ مدينہ. جُمُعہ جي ڏينهن ڏيو تہ بهتر جو جُمعہ تي هر نيڪي جو ثواب سَتَر ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ سنتن ڀريي بيان

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

جي ڪيسٽ ٻڌي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جي اصلاح ٿي وڃڻ جا واقعا آهن. توهان مان ٻه ڪي خوشنصيب اهڙا ٻه هوندا جيڪي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي مدني ماحول سان وابسته ٿيا هوندا، تنهنڪري اهڙيون ڪيسٽون ۽ VCDs ماڻهن تائين پهچائڻ دين جي عظيم خدمت ۽ گهڻي ثواب جو سبب آهي ته جنهن ڪان ٿي سگهي هفتي ۾ نه ته مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ ١٢ آڊيو يا ويڊيو **ڪيسٽون** بيان جون ضرور فروخت ڪري، سرندي وارا اسلامي ڀائر جيڪڏهن مفت ورهائن ته مدينه مدينه . **جشن ولادت** جي خوشيءَ ۾ بيان جون ڪيسٽون ۽ VCDs خوب ورهايو ۽ دين جي تبليغ ۾ حصو وٺو. شادين جي موقعي تي ڪارڊ سان گڏ **رسالو** ۽ ٿي سگهي ته بيان جي ڪيسٽ يا VCDs ٻه وجهي ڇڏيو. عيد ڪارڊن جي رواج کي ختم ڪري ان جي جڳهه تي ٻه اهو ئي رائج ڪيو ته جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي ان سان دين جو ٻه فائدو ٿئي. مون کي ماڻهو قيمتي ڪارڊ موڪليندا آهن ان سان دل خوش ٿيڻ بدران ڏکندي آهي. ڪاش! عيد ڪارڊ تي خرچ ٿيڻ واري رقم دين جي ڪمن ۾ خرچ ڪئي وڃي ها! ان تي لڳل افشان (يعني چمڪدار پائوڊر) سان ڏاڍي پريشاني ٿيندي آهي .

اُنکے در پے پلنے والا اپنا آپ جواب
کوئی غریب نواز تو کوئی داتا لگتا ہے

9 وڏي شهر ۾ هر علائقي مشاورت جا نگران (ڳوٺن وارا ڳوٺن ۾)١٢ ڏينهن تائين روزانو مختلف مساجد ۾ عظيم الشان سنتن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

پريا اجتماعات منعقد ڪن (ذميدار اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماعات فرمائن) ربيع النورشريف جي دوران ٿيڻ وارن تمام اجتماعن ۾ جن ڪان ٿي سگهي اهي ساوا جهنڊا ڳڌ ڪٽي اچن .

لب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم
دیوانہ سرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

10 ٻارهين جي شام نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٿي تي اوڍڻ واري سفيد چادر پردي ۾ پردي لاءِ ناسي چادر، ڏندڻ، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلو پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هرشيءِ ممڪن هجي تہ نئي وٺو. (اسلامي ڀينرون بہ پنهنجي ضرورت جون جيڪي شيون ممڪن هجن اهي نيون وٺن)

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا
عالم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ وِلادت

11 ٻارهين جي رات اجتماع ميلاد ۾ گذاري صبح صادق جي وقت پنهنجن هٿن ۾ سبز سبز جهنڊا ڪٽي، درود ۽ سلام جا هار ڪٽي، اکين مان ڳوڙها وهائيندي "صبح بهاران" جو استقبال ڪيو. فجر جي نماز کانپوءِ سلام ۽ عيد مبارڪ چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان ملاقات فرمايو ۽ سڄو ڏينهن عيد جون مبارڪون پيش ڪندا ۽ عيد ملندا رهو.

عیدِ میلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے
بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلادُ النّبی

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

12 اسانجا منا منا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا رهيا، توهان بہ ياد مصطفيٰ صَلي الله تَعاليٰ عليه وآله وَسَلّم ۾ ١٢ ربيع النور شريف جو روزو رکي ڪري سائو جهندو کڻي جلوسِ ميلاد ۾ شريڪ ٿيو. جيستائين ممڪن ٿئي با وضو رهو ۽ زبان تي درود و سلام ۽ نعتن جا نغمہ ڳائيندي ۽ درود ۽ سلام جا گل پيش ڪندي نگاهون جهڪائيندي باوقار طريقي سان هلو. نينگ ٽپا ڏيندي ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نہ ڏيو.

ربیعُ الاوّل تجھ پر اہلسنّت کیوں نہ ہوں قرباں
کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جشن ولادت ملهائڻ جون نيتون

بخاري شريف ۾ سڀ کان پهرين حديث مبارڪ آهي: اِنَّمَا الاَعمَالُ بِالنِّيَات يعني عملن جو دارومدار نيتن تي آهي (صحيح بخاري ج1 ص 5) ياد رکو! هر نيڪ عمل ۾ ثواب آخرت جي نيت ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ ثواب نہ ملندو. **جشن ولادت** ملهائڻ ۾ بہ ثواب ڪمائڻ جي نيت ضروري آهي. ثواب جي نيت جي لاء عمل جو شريعت جي مطابق ۽ سني اخلاص سان سينگاريل هجڻ شرط آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏيکاءَ يا 14 واه واه ڪرائڻ جي لاءِ **جشن ولادت** ملهايو، ان جي لاءِ بجلي جي چوري ڪئي، زور زبردستيءَ سان چندو حاصل ڪيو، بنا اجازت شرعي مسلمانن کي ايذا ڏنو ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

حقوقِ عامہ ضايع ڪيا، تيز آواز سان اهڙي وقت لاوڊ اسپيڪر هلايا جنهن سان مريضن، سمهڻ وارن ۽ ننڍن ڪير ٻيئنڊڙ ٻارن کي تڪليف ٿئي تہ هاڻي ثواب جي نيت بيڪار آهي بلڪ گنهگار ٿيندو. جيتري قدر سنيون سنيون نيتون وڌيڪ هونديون ان جي برابر ثواب بہ وڌيڪ ملندو. تنهن ڪري 18 نيتون پيش ڪيون وڃن ٿيون پر هي نامڪمل آهن، علمِ نيّت رکڻ وارو ثواب وڌائڻ جي مفاد ۾ وڌيڪ نيتن جو اضافو ڪري سگهي ٿو حسب حال هي نيتون ڪري وٺو.

## ”جشن ميلاد النبي مرحبا“ جي ارڙهن 18 اکرن جي نيت سان جشن ولادت ملهائڻ جو 18 نيتون

﴿1﴾ قرآني حڪم وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ (پ 30 الضحيٰ 11) (ترجمو ڪنز الايمان: ۽ پنهنجي رب جي نعمت جو خوب چرچو ڪيو) تي عمل ڪندي اللهعزّوجل جي سڀ کان وڏي نعمت جو ذڪر ڪندس ﴿2﴾ رب العزتعزّوجل جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ جشن ولادت جي خوشي ۾ لائيٽنگ ڪندس ﴿3﴾ جبريل امينعليه السلام ولادت واري رات جيڪي ٽي جهنڊا لڳايا هئا، ان جي پيروريءَ ۾ جهنڊا جهولائيندس ﴿4﴾ سائي گنبد جي نسبت سان سائو جهنڊو لڳائيندس ﴿5﴾ ڌوم ڌام سان جشن ولادت ملهائي ڪري غير مسلمن تي عظمت مصطفيٰصلي الله تعاليٰ عليه وآله وَسلّم جو ڌاڪو ويهاريندس (گهر گهر لائيٽنگ ۽ ساوا جهنڊا ڏسي ڪري غيرمسلم يقيناً حيران ٿيندا تہ مسلمانن کي پنهنجي نبي جي ولادت سان والهانہ پيار آهي) ﴿6﴾ جشن ولادت جي ڌوم مچائي ڪري شيطان کي پريشان ڪندس ﴿7﴾ ظاهري سجاوٽ سان گڏو گڏ توبہ ۽ استغفار جي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ذريعي پنهنجو باطن بہ سينگاريندس ﴿8﴾ ٻارهينءَ جي رات جو اجتماعِ ميلاد ۾ ﴿9﴾ عيد ميلاد النبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏينهن نڪرڻ واري ميلاد جي جلوس ۾ شريڪ ٿي خداعزّوجل ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذڪر جون سعادتون ۽ ﴿10﴾ عُلماءَ ۽ ﴿11﴾ نيڪ ماڻهن جون زيارتون ۽ ﴿12﴾ عاشقان رسول جي صحبت جون برڪتون حاصل ڪندس ﴿13﴾ ميلاد جي جلوس ۾ باعِمامہ ۽ حتَّي الامڪان ﴿14﴾ باوضو رهندس ۽ ﴿15﴾ جلوس جي دوران بہ مسجد جي باجماعت نماز نہ ڇڏيندس ﴿16﴾ توفيق آهر "لنگرِ رسائل" جي ترڪيب ٺاهيندس. (يعني مڪتبة المدينہ جي ڇپيل رسالا ۽ پمفلٽ گڏوگڏ سنتن ڀريي بيانات جون ڪيسيٽون، اجتماعِ ميلاد ۽ ميلاد جي جلوس ۾ورهائيندس) ﴿17﴾ انفرادي ڪوشش ڪندي گهٽ ۾ گهٽ 12 اسلامي ڀائرن کي مدني قافلي ۾ سفر جي دعوت ڏيندس ﴿18﴾ ميلاد جي جلوس ۾ حتي الامڪان سڄي رستي ۾ زبان ۽ اکين جو قفل مدينہ لڳائيندي نعتون ٻڌڻ ۽ درود وسلام پڙهڻ جي ڪثرت ڪندس.

**ياربِّ مصطفيٰ** عزّوجل و صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اسان کي خوش دليءَ ۽ سٺين سٺين نيتن سان جشن ولادت ملهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ جشن ولادت جي صدقي اسان کي جنت الفردوس ۾ بي حساب داخل فرماءِ. اٰمين بجاہ النبي الامين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بخش دے ہم کو الٰہی! بہرِ میلادُ النّبی
نامہ اعمال عِصیاں سے مرا بھرپُور ہے

طالبِ غمِ مدينہ
بقيع ۽ مغفرت
۽ بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



17صفرالمظفر 1427هه

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

## فهرست



| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | دعوت اسلامي ۾ جشن ولادت | 14 |
| صبح بهاران | 2 | [1] گناهه جو علاج ٿي ويو | 14 |
| معجزات | 2 | [2] دل جي گندگي ڌوپي وئي | 15 |
| شب قدر کان افضل رات | 4 | [3] نور جي برسات | 16 |
| عيدن جي عيد | 4 | [4] اڄ به جلوا عام آهن | 18 |
| ابولهب ۽ ميلاد | 4 | مرحبا يا مصطفيٰ ﷺ جي پارهن | 20 |
| مسلمان ۽ ميلاد | 5 | اڪرن جي نسبت سان جشن ولادت | |
| ميلاد ملهائڻ وارن کان سرڪار ﷺ خوش ٿيندا آهن . | 6 | جا پارهن مدني گل | |
| | ٠ | مڪتوب عطار | |
| ميلاد جي خوشيءَ ۾ جهنڊا | 6 | جشن ولادت ملهائڻ جون نيتون | 24 |
| جهنڊي سان گڏ جلوس | 7 | جشن ميلاد النبي ﷺ مرحبا جي 18 | 31 |
| جشن ولادت ملهائڻ وارو خاندان | 8 | اڪرن جي نسبت سان جشن ولادت | |
| جشن ولادت ملهائڻ جو ثواب | 11 | ملهائڻ جون 18 نيتون | 32 |
| يهودين کي ايمان نصيب ٿي | 12 | | |



## ماخذ و مراجع



| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن پاک | ضیاء القرآن مرکز الاولیاء لاہور | وفاء الوفا | دار احیاء التراث العربی، بیروت |
| ترجمہ کنزالایمان | رضا اکیڈمی بمبئی | خصائص کبری | دار الکتب العلمیہ، بیروت |
| تفسیرات احمدیہ | پشاور | مواہب لدنیہ | مرکز اہلسنت برکات رضا، ہند |
| صحیح بخاری | دار الکتب العلمیہ، بیروت | مدارج النبوت | مرکز اہلسنت برکات رضا، ہند |
| صحیح مسلم | دار ابن حزم، بیروت | ما ثبت من السنۃ | نعیمیہ رضویہ مرکز الاولیاء لاہور |
| معجم اوسط | دار الکتب العلمیہ، بیروت | تذکرۃ الواعظین | کوئٹہ |
| فردوس الاخبار | دار الکتاب العربی، بیروت | تذکرۃ لواعظین (اردو) | شبیر برادرز مرکز الاولیاء لاہور |

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

# جشن ولادت جي موقعي تي لڳايا ويندڙ دعوت اسلامي جا مقبول نعرا

| | | |
|---|---|---|
| سرکار کی آمد مرحبا | بَصیر کی آمد مرحبا | موہنے کی آمد مرحبا |
| سردار کی آمد مرحبا | شَہیر کی آمد مرحبا | بشیر کی آمد مرحبا |
| سالار کی آمد مرحبا | خبیر کی آمد مرحبا | نذیر کی آمد مرحبا |
| مختار کی آمد مرحبا | ظَہیر کی آمد مرحبا | منیر کی آمد مرحبا |
| منٹھار کی آمد مرحبا | رءوف کی آمد مرحبا | داتا کی آمد مرحبا |
| دلدار کی آمد مرحبا | رحیم کی آمد مرحبا | مولیٰ کی آمد مرحبا |
| غمخوار کی آمد مرحبا | کریم کی آمد مرحبا | اَولیٰ کی آمد مرحبا |
| تاجدار کی آمد مرحبا | نعیم کی آمد مرحبا | اعلیٰ کی آمد مرحبا |
| شاندار کی آمد مرحبا | مقبول کی آمد مرحبا | والا کی آمد مرحبا |
| شہریار کی آمد مرحبا | آمِنہ کے پھول کی آمد مرحبا | بالا کی آمد مرحبا |
| شہِ ابرار کی آمد مرحبا | یاسین کی آمد مرحبا | پیشوا کی آمد مرحبا |
| حُضُور کی آمد مرحبا | طٰہٰ کی آمد مرحبا | دلبر کی آمد مرحبا |
| پُرنور کی آمد مرحبا | مزّمِّل کی آمد مرحبا | رہبر کی آمد مرحبا |
| غَیُور کی آمد مرحبا | مُدَّثِّر کی آمد مرحبا | افسر کی آمد مرحبا |
| اُس نور کی آمد مرحبا | پیارے کی آمد مرحبا | سرور کی آمد مرحبا |
| منبع انوار کی آمد مرحبا | علیم کی آمد مرحبا | جانِ جاناں کی آمد مرحبا |
| رسول کی آمد مرحبا | حلیم کی آمد مرحبا | سیّاحِ لامکاں کی آمد مرحبا |
| اچھے کی آمد مرحبا | حکیم کی آمد مرحبا | محبوبِ رَحماں کی آمد مرحبا |
| سچے کی آمد مرحبا | عظیم کی آمد مرحبا | سرورِ دوجہاں کی آمد مرحبا |
| سوہنے کی آمد مرحبا | آقا کی آمد مرحبا | نورِ مُجسَّم کی آمد مرحبا |